# جسم پاڪ جا معجزا

**08-October-2022**

اجتماعِ ميلاد 1444ھ ( 18آڪٽوبر 2022ء/ ٻارھين رات) جو بيان

(For Islamic Brothers)



اجتماعِ ميلاد 1444ھ (18 آڪٽوبر 2022ء/ ٻارهين رات) جو بيان

# جسم پاڪ جا معجزا

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۽ تَصوُرِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
- ✿... اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سراپا معجزو آهن
- ✿... جسمِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لطافت
- ✿... لکين سال بعد جا آواز ٻڌي ورتا
- ✿... سماعتِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نرالو شان

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

فَقِيّهُ الْعَصر(يعني پنهنجي وقت جا تمام وڏا عالم) حضرت علّامہ مفتي محمد اَمين صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جنهن درودِ پاڪ جي فضيلت تي مشهور زمانہ ڪتاب آبِ ڪوثر لکي آهي، پاڻ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري ڀيپلز ڪالوني (فيصل آباد، پنجاب) کان هڪ سيد صاحب جنهن جو نالو سيد رياض هو، هو مون وٽ آيو ۽ چيائين: منهنجو ڪاروبار هو، سڄو ختم ٿي ويو، هاڻي مون تي لکين روپيہ قرض آهي، ڏاڍو پريشان آهيان، ڪجهه حل ٻڌايو!

مفتي اَمين صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون شاهه صاحب کي درود پاڪ تي لکيل ڪتاب آبِ ڪوثر عطا ڪئي ۽ چيو: شاهه صاحب! اوهان هي ڪتاب پڙهو ۽ هن جي مطابق عمل ڪيو! ان جي برڪت سان اوهان جا ڪيئي مسئلا حل ٿي ويندا.

شاهه صاحب ڪتاب ورتو ۽ هليو ويو پوءِ تقريبًا ڇهن مهينن کان بعد وري تشريف کڻي آيا، هن ڀيري ڏاڍو خوش هئا، چهري تي رونق هئي، شاهه صاحب وڏي خوشي سان ٻڌايو تہ منهنجي ذمي 7 لک قرض هو، الحمد لله هاڻي صرف ڏيڍ لک رهجي ويو آهي.

هي قرض ڪيئن لٿو! ان جي تفصيل ٻڌائيندي فرمايائين: ٿيو ائين جو مون آبِ ڪوثر پڙهي، ان ۾ درودِ پاڪ جا فضائل پڙهي ڪري مون کي شوق پيدا ٿيو ۽ مون خوب محبت ۽ شوق سان درودِ پاڪ پڙهڻ شروع ڪيو.

هيڏانهن اهي ماڻهو جن کي قرض ڏيڻو هو، اهي مون کي تنگ ڪري رهيا هئا هڪ ڏينهن مان درودِ پاڪ پڙهي دعا جي لاءِ وينس، جيئن ئي بارگاهِ الٰهي ۾ هٿ کنيا، پريشاني جي سبب مون تي رقت طاري ٿي وئي، مون روئي روئي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا گهري.

الحمد لله! درودِ پاڪ جي برڪت هيئن ظاهر ٿي جو هڪ ڏينهن مون ايمان تازو ڪندڙ خواب ڏٺو، ڇا ٿو ڏسان ته مان ڪاٿي وڃي رهيو آهيان ۽ هڪ شخص سايي وانگر مون سان گڏ پيو هلي، هلندي هلندي مان هڪ جاءِ تي پهتس، تمام ڪليل ۽ هوادار جاءِ هئي، اتي هڪ نهايت حسين و جميل، نوراني چهري وارو بزرگ وينو هو، سامهون قرآنِ پاڪ ڪليل هو ۽ اهو قرآنِ مجيد جي تلاوت فرمائي رهيو هو. جيئن ئي مان اتي پهتس، ان بزرگ اڪ مبارڪ کڻي نهايت شفقت وچان هڪ نظر مون کي ڏٺو ۽ وري تلاوت شروع ڪري ڏني.

اهو شخص جيڪو سايي وانگر مون سان گڏ هلي رهيو هو، مون ان کان پڇيو: اهو بزرگ ڪير آهي؟ ان چيو: شاهه صاحب! هي ئي ته اهي حبيبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن جن تي اوهان درود پاڪ پڙهندا رهندا آهيو. ايترو ئي ڪرم ٿيو هو جو منهنجي اک کلي پئي.

بس مالڪ و مختارنبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ان هڪ ئي نظرِ عنايت جي برڪت آهي جو ڏسندي ئي ڏسندي منهنجو تقريبًا ساڍا 5 لک قرض لهي ويو.

مفتي امين صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهو شاهه صاحب 14 ڏينهن کان بعد وري تشريف کڻي آيو ۽ ٻڌايائون ته الحمد لله! مون کي هاڻي بهترين ملازمت به ملي وئي آهي.(1)

کیا خُدا داد آپ کی اِمداد ہے | اِک نظر میں شاد ہر ناشاد ہے(2)

---

1... البرہان، صفحہ:321 -323 بتغیر قلیل ۔

2... ذوقِ نعت،صفحہ:222۔

۽ سيدي اعلٰي حضرت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه به ڪيترو نه بهترين عرض ڪن ٿا:

قِسمت میں لاکھ پیچ ہوں، سَو بَل، ہزار کَج | یہ ساری گُتھی اِک تری سیدھی نظر کی ہے[1]

وضاحت: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! قسمت ۾ چاهي ڪيتريون ئي الجهنون ۽ پريشانيون لڪيل هجن، بس رڳو اوهان لطف و ڪرم جي هڪ سڌي نظر فرمايو اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! تقدير جون سڀ ڳنڍيون کُلي پونديون.

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! درود پاڪ انمول نعمت آهي، ان جي برڪت سان مشڪلاتون حل ٿينديون آهن، تنگدستي خوشحالي ۾ بدلجندي آهي، گناهه متجندا آهن، رحمتون ڇما ڇم وسنديون آهن ۽ هڪ اهم ترين فائدو اهو آهي ته درود پاڪ پڙهڻ واري جو درود سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهِ عاليشان ۾ پهچندو آهي، مالڪ ۽ مختار نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نظرِ عنايت به نصيب ٿيندي آهي ۽ آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ چاهن ته پنهنجي غلامن کي ديدار جو جام به عطا فرمائيندا آهن.

الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي پڻ ڪاش! جو درود پاڪ جي برڪت سان اسان کي محبوبِ خدا، سردار انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نظر ڪرم نصيب ٿي وڃي ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

پڑ گئی جس پہ محشر میں بخشا گیا | دیکھا جس سمت ابرِ کرم چھا گیا
رُخ جدھر ہو گیا زندگی پا گیا | جس طرف اُٹھ گئی دَم میں دَم آگیا

[1]... حدائقِ بخشش،صفحه:227۔

اُس نگاہِ عنایت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي.[(1)]

**اي عاشقانِ رسول!** سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سٺيون سٺيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باأدب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّھ سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.۞ ۽ پياري آقا، آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد جي خوشي ۾ جهومي نعرا به لڳائيندس، جھنڊا به لهرائيندس ۽ ذڪرِ مصطفٰي ٻڌي ڪري دل به ٺڏي ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول!اڄ جشنِ ولادت جي عظيم، سهاني رات آهي. اڄ اها رات آهي هن رات ۾ آسمان جا تارا زمين جي طرف مائل ٿي رهيا هئا. اڄ اها رات آهي جنهن رات ۾ ملائڪن جي ڇچ زمين تي لهي رهي هئي. اڄ اها رات آهي هن رات زمين ۽ آسمان ۾ خوشيون ئي خوشيون هيون. اڄوڪي رات اها رات آهي جو هن رات ۾ ڪعبة الله سلامي طور جهڪي ويو هو. اڄوڪي رات اها رات آهي جو ملائڪن جي سردار جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام ڪعبي جي ڇت تي جهنڊو لڳايو هو. اڄ ان هستي جي آمد جي رات آهي جيڪي ڪم و بيش هڪ لک 24 هزار انبياء ڪرام جن جي آمد جي

---

[1] ...مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895.

خوشخبري ڏيڻ آيا. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جنهن جي آمد جون ڌومون عرش ۽ فرش، زمين ۽ آسمان ۾ مچايون ويون. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي سنئين واٽ ٻڌائڻ جي لاءِ آيا. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي الله پاڪ جي ٻانهن کي الله پاڪ سان ملائڻ جي لاءِ تشريف کڻي آيا. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي ڀٽڪيلن کي سنئين واٽ ڏيکارڻ آيا. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي دلين کي نورِ ايمان سان جڳمڳائڻ لاءِ تشريف کڻي آيا. اڄ ان جي آمد جي رات آهي، جيڪي انسانيت کي نفس ۽ شيطان جي قيد مان ڇڏرائڻ جي لاءِ تشريف کڻي آيا. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي ڪفر ۽ شرڪ جون پاڙون پٽڻ جي لا تشريف کڻي آيا. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي پنهنجي نور سان دنيا کي جڳمڳائڻ جي لاءِ تشريف کڻي آيا. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي ڪرم جا درياءَ وهائڻ جي لاءِ تشريف کڻي آيا. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي ستلن کي جاڳائڻ، روئندن کي کلائڻ لاءِ تشريف کڻي آيا. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي ڪِريلن کي اُٿارڻ، دل ۽ جان کي زنده فرمائڻ جي لاءِ تشريف کڻي آيا. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جو جن کي ربّ ڪريم پنهنجي مُلڪ جو مالڪ بنايو آهي. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جن جي قبضي ۾ ربّ ڪائنات جا خزانا آيا آهن. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي رَؤف بہ آهن، رَحِيّم بہ آهن. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي نهايت سخي بہ آهن، ڪريم بہ آهن. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي غريبن جا سهارا بڻجي تشريف کڻي آيا. اڄ ان جي آمد جي رات آهي جيڪي ٻنهي جهانن جا مالڪ ۽ مختار،

گنهگارن جي شفاعت فرمائڻ وارا، الله پاڪ جا حبيب ۽ محبوب ۽ خليل بڻجي تشريف کڻي آيا آهن.

یہ کس شہنشہِ والا کی آمد آمد ہے | یہ کون سے شہِ بالا کی آمد آمد ہے
یہ آج تارے زمیں کی طرف ہیں کیوں مائل | یہ آسماں سے پیہم ہے نُور کیوں نازِل
یہ آج کیا ہے زمانے نے رنگ بدلا ہے | یہ آج کیا ہے کہ عالَم کا ڈھنگ بدلا ہے
یہ آج کاہے کی شادِی ہے عرش کیوں جھوما | لبِ زمیں نے لبِ آسماں کو کیوں چوما
رُسل انہیں کا تو مژدہ سنانے آئے ہیں | انہیں کے آنے کی خوشیاں منانے آئے ہیں
فرشتے آج جو دھومیں مچانے آئے ہیں | انہیں کے آنے کی شادِی رچانے آئے ہیں
یہ سیدھا راستہ حق کا بتانے آئے ہیں | یہ حق کے بندوں کو حق سے ملانے آئے ہیں
یہ بھولے بچھڑوں کو رستے پہ لانے آئے ہیں | یہ بھولے بھٹکوں کو ہادِی بنانے آئے ہیں
چمک سے اپنی جہاں کو جگمگانے آئے ہیں | مہک سے اپنی یہ کوچے بسانے آئے ہیں
یہی تو سوتے ہوؤں کو جگانے آئے ہیں | یہی تو روتے ہوؤں کو ہنسانے آئے ہیں
انہیں خُدا نے کیا اپنے مُلک کا مالک | انہیں کے قبضے میں ربّ کے خزانے آئے ہیں
جو چاہیں گے جسے چاہیں گے یہ اسے دیں گے | کریم ہیں یہ خزانے لٹانے آئے ہیں
یہ کس شہنشہِ والا کی آمد آمد | یہ کون سے شہِ بالا کی آمد آمد ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مڪتبة المدينہ جي نهايت پياري ڪتاب آهي: صحابہ ڪرام جو عشقِ رسول. ❁ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي عشق ڀري ايمان افروز ڪيفيات. ❁ سندن محبت ڀريا جذبا. ❁ مبارڪ انداز. ❁ اطاعت گذاري. ❁جان نثاري ۽ ان جهڙا گهڻا دلچسپ واقعا هن ڪتاب جي زينت آهن، اچو! هنن مان صحابہ ڪرام جي عشق رسول جو هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا:

## شوقِ ديدار مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

حضرت مُصعب بن عمير رَضِیَ اللہُ عَنْہُ صحابيءِ رسول آهن، اجا سرڪارِ نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم!هجرت ڪري مديني پاڪ نہ آيا هئا، ان کان پهريان پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت مُصعب بن عمير رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ مديني پاڪ موڪليو هو، سندن هتي اچي نيڪي جي دعوت جون خوب ڌومون مچايون، ۽ ڪيترن ئي ماڻهن سندن هٿ تي اسلام قبول ڪيو.(1)

انهن ئي ڏينهن جي ڳالهہ آهي هڪ ڏينهن حضرت مُصعب بن عمير رَضِیَ اللہُ عَنْہُ مديني پاڪ ۾ هڪ مقام تي ويهي ديني درس ڏئي رهيو هو، ٻيا صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ويهي ٻڌي رهيا هئا، انهن ٻڌڻ وارن ۾ حضرت ابو عبدالرحمٰن رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بہ موجود هو، درس دوران جڏهن بہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو ذڪر مبارڪ ايندو هو تہ ابو عبدالرحمٰن رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي اکين ۾ رسول اللّٰه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو شوقِ ديدار جاڳي پوندو هو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ملاقات جي لاءِ هو بي چين ٿي ويندو هو.

آخرڪار ابو عبدالرحمٰن رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بيتاب ٿي ڪري چيو: رسول اللّٰه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت جي وڏي سِڪ آهي، ڪڏهن سال ويندو ۽ موسمِ حج ايندو ۽ اسان پنهنجي آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت سان مشرف ٿينداسين. انهن جي اها ڳالهہ ٻڌي ڪري حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللہُ عَنْہُ مسڪرايو ۽ فرمايائون: اي ابوعبدالرحمٰن! صبر ڪر ڏينهن جلدي گذري ئي ويندا.

ويجهو ئي حضرت ابنِ مَسلَمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ وينا هيا، اهي چوڻ لڳا: ها يارحضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ديدار کان سواءِ مونکي سڪون حاصل ناهي. ڪڏهن هي ڏينهن گذرندا...!

گزر تو جائے گی تیرے بغیر بھی لیکن | بہت اُداس، بہت بے قرار گزرے گی

---

1... طبقات الکبریٰ،جلد:3 ،صفحہ:87 ۔

الله اڪبر! صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جهڙا عظيم عاشقِ رسول ۽ شوقِ ديدار جي تڙپ...!! حضرت ابنِ مَسلَمہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ ڪجھ دير خاموش رهيا، ۽ وري فرمايائون: اي مصعب بن عمير رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ هيئن ڪيو! اوهان اسان جي سامهون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حسن مبارڪ جو ذڪر ڪيو! حليو مبارڪ بيان فرمايو!

سبحٰن الله! هاڻي ٿورو صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جا عشق پريا، ايمان افروز انداز ڏسو!

حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جيڪي ديني درس ڏئي رهيا هئا، پاڻ گوڏن ڀر (يعني نماز ۾ جيئن التحيات ۾ ويهندا آهيون، ائين) ويهي رهيا، پنهنجو مٿو جهڪائي اکيون بند ڪيائين جڻ تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو تصور ڪري حليو مبارڪ پنهنجي ذهن ۾ آڻي رهيا هجن. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ پنهنجو مٿو کڻيو ۽ فرمايائون: سيني حسينن کان وڌيڪ حسين آقا، امامُ الانبياء، محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو رنگ مبارڪ سفيد آهي، هن ۾ هلڪي ڳاڙهاڻ جو خوبصورت ميلاپ آهي. اکيون مبارڪ وڏيون ۽ تمام خوبصورت آهن، مبارڪ پرون(ايٽريون قريب آهن جو پري کان ڏسڻ ۾ لڳي ٿو جڻ تہ) مليل آهن، ڏاڙهي مبارڪ گهاٽي آهي، سينو مبارڪ ڪشادو، ڳچي مبارڪ جيئن چاندي جي ڪُھُگهي... پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن هلندا آهن تہ ائين لڳندو آهي جڻ پاڻ مٿاهين کان هيٺ اچي رهيا آهن، جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن جي طرف رخ ڪندا آهن تہ مڪمل طور تي متوجهہ ٿيندا آهن، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چهري مبارڪ تي پگهر مبارڪ جا قطرا ائين لڳندا آهن جيئن سفيد موتي، قد مبارڪ نہ تمام ننڍو، نہ تمام وڏو (بلڪ درميانو آهي)، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ کان وڌيڪ سخي ۽ سڀ کان وڌيڪ بهادر آهن. سيني کان وڌيڪ سچار، واعدو نڀائڻ وارا، طبيعت ۾ تمام نرم ۽ رهڻي ڪهڻي ۾ سڀ کان ڀلا آهن، مون سرڪار مدينہ

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙو ڪوبہ نہ ڏٺو...!! [1]

| | |
|---|---|
| سر سے پا تک ہر اَدا ہے لا جواب | خوبرُویوں میں نہیں تیرا جواب |
| حُسن ہے بے مثل،صُورت لا جواب | میں فدا تم آپ ہو اپنا جواب |
| ہیں دُعائیں سنگِ دُشمن کا عِوَض | اس قدر نرم، ایسے پتھر کا جواب |
| مِہر و مہ ذَرّے ہیں ان کی راہ کے | کون دے نقشِ کفِ پاک کا جواب[2] |

سبحٰن الله! ڪيترو نہ نرالو عشقِ رسول آهي...!! درس تي رهيو آهي، دين جون ڳالهيون سکيون پيون وڃن، هن دوران صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جي ياد تڙپائي رهي آهي، جڏهن جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر مبارڪ اچي ٿو، صحابيِ رسول جي اکين مان ڳوڙها چمڪڻ لڳن ٿا ۽ وري سبحٰن الله صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان درس جي دوران ئي پياري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تصورن ۾ گُم ٿي وڃن ٿا...!!

| | |
|---|---|
| ثابت ہوا کہ جملہ فرائِض فروع ہیں | اَصلُ الْاُصول بندگی اس تاجوَر کی ہے[3] |

**وضاحت:** يعني نماز، روزه، حج، زڪوات وغيره سيئي عبادتون، دين جون سيئي تعليمات ايمان جون شاخون آهن، ايمان پوري دين جي پاڙ آهي ۽ امامُ الانبياء، محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحبت، سندن اطاعت ۽ فرمانبرداري ايمان جي بہ جان آهي، تنهنڪري اها مَحبت، اها اطاعت ۽ فرمانبرداري سيني اصولن جي اصل ۽ دين جي بنيادي پاڙ آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...صحابہ ڪرام کا عشقِ رسول،صفحہ:95- 97 بتغير۔

[2]...ذوقِ نعت،صفحہ:88- 89 ملتقطاً۔

[3]... حدائقِ بخشش،صفحہ:205۔

## صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۾ تصوُّرِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هن واقعي مان هڪ مدني گل هي بہ سکڻ جي لاءِ مليو تہ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ظاهري طور دور هوندا هئا تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري نوراني چهري، سندن حسن ۽ جمال ۽ مبارڪ ادائن جو تصور ڄمائي دل کي تسڪين ڏيندا هئا.

سبحٰن اللّٰه! اها بہ ڏاڍي پياري ادا آهي، ڪاش! اسان غلامن کي بہ توفيق نصيب ٿي وڃي، اسان بہ اڪيلائي ۾ اکيون بند ڪري ويهندا ڪيون، ڪڏهن گنبذِ خضرا جو تصور ڪيون، ڪڏهن سنهري ڄارين جي تصور ۾ گُم ٿي وڃون ۽ اللّٰه پاڪ توفيق ڏي تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو حليو مبارڪ ڪتابن مان پڙهي ذهن ۾ ويهاريون، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ ادائن کي پڙهندا بہ ڪيون، ذهن ۾ ويهاري بہ ڇڏيون ۽ وقت بہ وقت اکيون بند ڪري، مٿي کي جهڪائي سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ ادائن جو تصور ڪري پنهنجي ساهہ کان پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ادائن ۾ گُم ٿي وڃون، يقين مڃو! سُرور ئي سُرور ايندو، دل ۾ ايمان اهڙو مضبوط ٿيندو جو جنهن جو ڪو جواب ناهي...!!

دِل میں ہو یاد تری گوشۂ تنہائی ہو | پھر تو خَلوَت میں عجب انجمن آرائی ہو[1]

## حضرت ابُوهرَيرَہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه ۽ ذڪرِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

مشهور صحابيِ رسول آهن: حضرت ابُو هرَيرَہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه. پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! جون سڀ کان وڌيڪ حديثون سندن ئي روايت ڪيون آهن. حضرت سَيِدُنا ابُو هرَيرَہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي هڪ نهايت پياري، ايمان افروز ۽ عشق واري عادت هئي، جيئن طبقات ابن سعد ۾ آهي: حضرت سَيِدُنا ابُوهرَيرَہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جو معمول مبارڪ هو، پاڻ

[1]... ذوقِ نعت،صفحہ:204۔

جڏهن بہ ڪنهن ڳوناٽي ماڻهو کي ڏسندا هئا يا ڪنهن اهڙي سان ملندا هئا جنهن رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت نہ ڪئي هوندي هئي تہ فرمائيندا هئا: ڇا مان اوهان کي رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اوصاف ۽ ڪمال بيان نہ ڪيان...؟ پوءِ پاڻ رسولِ رحمت، شفيع امت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پورو حليو مبارڪ بيان فرمائيندا هئا. (1)

ہر آنکھ دیکھتی ہے تیرے ہی رُخ کا جلوہ | ہر کان سُن رہا ہے پیارے کلام تیرا (2)

## ذڪرِ ڪمالاتِ مصطفٰي جا ڪجھ فائدا

سبحٰن اللّٰه! سبحٰن اللّٰه! ڇا شان آهي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جو...!! ڪنهن کي نماز سيڪارڻ، وضو جو طريقو سيڪارڻ، روزي ۽ زڪوات جا مسئلا وغيره ٻڌائڻ، انهن سيني جي پنهنجي جاءِ تي تمام وڏي اهميت آهي، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ماڻهن کي اهي شيون بہ سيڪاريندا هئا پر پهرين نمبر تي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اوصاف ۽ ڪمالات ٻڌائيندا هئا ان ڪري جو ڪمالاتِ مصطفٰي بيان ڪرڻ، ٻڌڻ سان دل ۾ محبت وڌندي آهي، پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان دلي رشتو مضبوط ٿيندو آهي ۽ اهو رشتو جيترو گهڻو مضبوط هجي، اوترو ئي ايمان مضبوط ٿيندو آهي ۽ ايمان جيترو مضبوط هوندو، اوتري ئي نيڪين ۾ دل لڳندي آهي ۽ انسان جنت جي رستي تي هلي پوندو آهي.

مُحَمَّد کی محبّت دِینِ حق کی شرطِ اَوّل ہے | اسی میں ہو اگر خامی تو سب کچھ نامکمل ہے

علّامہ محمد بن حُسين آجُرّي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اللّٰه پاڪ پنهنجي محموب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي دنيا ۽ آخرت ۾ جيڪي اوصاف ۽ ڪمال ۽

---

1...طبقات الکبرىٰ،ذکر صفة خلق رسول اللّٰه ،جلد:1 ،صفحہ:318۔

2... قبالۂ بخشش،صفحہ:23۔

فضائل عطا فرمايا آهن، انهن کان بي خبر رهڻ امت لاءِ تمام برو آهي.[1]

نام تیرا، ذِکر تیرا، تو ترِا پیارا خیال | ناتوانوں بے سہاروں کا سہارا ہو گیا[2]

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جسم پاڪ جا معجزاءِ ڪمالات

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي ادائن تي عمل ڪرڻ ۽ دل ۾ عشقِ رسول وڌائڻ جي لاءِ سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسم مبارڪ جا معجزا ۽ ڪمالات جو مختصر تذڪرو ٻڌون ٿا:

## اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سراپا معجزو آهن

سيپاري: 6، سورت نساء، آيت: 174 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| #onÝ~ بُرْqx ’ F Ì ~"CB<br>(پارہ :6، سورۃ نسا:174) | ترجمو ڪنزالعرفان: اي انسانو! بيشڪ توهان وٽ توهان جي رب جي طرف کان واضح دليل آيو. |

مفسرسڳورا هن آيت جي تفسير ڪندي فرمائن ٿا: نهايت مضبوط ۽ پختو دليل کي برهان چوندا آهن. هن آيت سڳوري ۾ برهان مان مراد اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن يعني **دعوٰي هي آهي تہ ڪائنات جو هڪ خالق، هڪ مالڪ آهي ۽ اهو هڪ سچو خدا الله ربُّ العالمين آهي، اي انسانو! رسولِ رحمت، شفيعِ اُمت** صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ **هن دعوٰي تي نهايت ئي پختو ۽ مضبوط دليل بڻجي توهان وٽ تشريف کڻي آيا آهن.**[3]

رَبِّ اعلٰی کی نعمت پہ اعلٰی درود | حق تعَالٰی کی منّت پہ لاکھوں سلام[4]

[1]... كتاب الشريعة للآجرى، جزء الحادى عشر، باب فضائل النبى،جلد:3، صفحه 1385۔

[2]... ذوقِ نعت،صفحہ:74۔

[3]...تفسير نعيمى ،پاره:6 ،سورۀ نسا،تحت الآية:174 ،جلد:6 ،صفحہ:144ماخوذًا۔

[4]...حدائقِ بخشش ،صفحہ:298۔

وضاحت: الله پاڪ جي سڀ کان اعلٰي ۽ بلند نعمت (اسان غريبن جي آقا ۽ مولا، اسان جي شفاعت فرمائڻ واري، اسان کي بخشرائڻ واري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي اعلٰي درود ۽ الله پاڪ جي هن احسانِ عظيم تي لکين سلام هجن.

مُفَسِّرِشَهِيرحڪيمُ الأُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: انبياء ڪرام جا معجزا الله پاڪ جي ذات ۽ صفات جو دليل هوندا آهن. اڳوڻن نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام کي الله پاڪ مختلف معجزا عطا فرمايا. حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جو هٿ مبارڪ معجزو هو. حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جو آواز مبارڪ معجزو هو. حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جو حسن مبارڪ معجزو هو. اهڙي طرح اڳوڻن نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام مان ڪنهن کي هڪ معجزو عطا ٿيو ڪنهن کي ٻہ معجزا عطا ٿيا، انهن سڀني انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام کان بعد الله پاڪ پنهنجي سڀ کان آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي مٿي کان وني پيرن تائين سراپا معجزو بڻائي ڪري موڪليو[(1)] ۽ فرمايو: اي انسانو! توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان نهايت پڪو ۽ مضبوط دليل آيو.

| | |
|---|---|
| دیئے معجزے انبیا کو خُدا نے | معجزہ بن کے آیا ہمارا نبی |
| سرکار کی آمد! مرحبا! | سردار کی آمد! مرحبا! |
| اچھے کی آمد! مرحبا! | سچّے کی آمد! مرحبا! |
| مختار کی آمد! مرحبا! | غمخوار کی آمد! مرحبا! |
| بشیر کی آمد! مرحبا! | نذیر کی آمد! مرحبا! |
| منیر کی آمد! مرحبا! | بَصیر کی آمد! مرحبا! |
| حُضُور کی آمد! مرحبا! | پُرنور کی آمد! مرحبا! (2) |

---

[1]…تفسير نعيمى ،پاره:6 ،سورهٔ نسا،تحت الآية:174 ،جلد:6 ،صفحه:147ملتقطاً۔

[2]…وسائلِ بخشش ،صفحه:519 ۔

## (1)جسمِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ نرالو معجزو

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن دنيا ۾ جيتريون شيون آهن، انهن سڀني جون ٻه** قسمون آهن: (1) ڪجهه اهي شيون آهن جيڪي ڪثيف (سخت) آهن، اهڙيون شيون جن کي اسان پڪڙي سگهون ٿا، انهن جي اوٽ حاصل ڪري سگهون ٿا، جيڪڏهن انهن کي روشني جي سامهون رکيو وڃي ته زمين تي هنن جو سايو بڻجندو آهي، جيئن ديوار آهي. اسان ديوار کي پڪڙي به سگهون ٿا، هن جي اوٽ ۾ لڪي به سگهون ٿا ۽ اُس يا روشني ۾ پت جو سايو به بڻجندو آهي. تنهنڪري ديوار يا ان جهڙيون ٻيون شيون، جيئن اسان جو جسم، ڪاغذ، قلم، دروازو، وهاڻو وغيره انهن سڀني کي ڪَثِيف جسم چيو ويندو آهي. (2) ٻئي قسم جون شيون اهي آهن، جن کي **لطيف چيو ويندو آهي** يعني اهڙيون شيون جيڪي موجود ته آهن پر اسان انهن کي پڪڙي نٿا سگهون، انهن جي اوٽ حاصل نٿا ڪري سگهون، جيئن هوا آهي، روشني آهي، اسان هوا ۽ روشني کي محسوس ته ڪندا آهيون، روشني اسان کي نظر به ايندي آهي پر اسان هوا ۽ روشني کي نه پڪڙي سگهون ٿا، نه انهن جي اوٽ حاصل ڪري سگهون ٿا، اهڙي طرح هوا ۽ روشني جو ڪو سايو به ناهي هوندو.

عام مشاهدو آهي ته دنيا ۾ جيڪي شيون ڪَثيف آهن اهي لطيف ناهن ۽ جيڪي لطيف آهن، اهي ڪَثِيف ناهن، مثال طور پت ڪَثِيف آهي، لطيف ناهي، هوا لطيف آهي، ڪثيف ناهي. اهو عام قاعدو آهي پر قربان وڃجي! ربّ ڪائنات پنهنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بي مثل ۽ بي مثال بڻايو آهي، اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسم مبارڪ جو هي نرالو معجزو آهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جسم مبارڪ هڪ ئي وقت ۾ ڪَثِيف به هو ۽ لطيف به هو.

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اٿندا هئا، ويهندا هئا، هلندا هئا، ڦرندا هئا، کائيندا هئا، پيئندا به هئا، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي سلام به ڪندا هئا، هٿ به مِلائيندا هئا ۽ خوش

نصيبن ڪي سيني سان بہ لڳائيندا هئا، اها آهي پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسم مبارڪ جي ڪَثافت.

ٻئي طرف پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جسم مبارڪ ايترو تہ لطيف هو جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏيئي جي سامهون تشريف آڻيندا هئا يا سج جي سامهون جلوه گر ٿيندا هئا تہ ڪنهن بہ وقت نہ ڏينهن ۾ نہ رات ۾ نہ ڏيئي جي سامهون نہ سج ۽ چنڊ جي سامهون، ڪنهن وقت بہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسم مبارڪ جو سايو نہ ٺهندو هو.

يعني جسمِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ايترو تہ لطيف هو جو جهڙي طرح روشني ۽ هوا جو سايو ناهي ٺهندو، اهڙي طرح پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جسم مبارڪ بہ سايي کان بلڪل پاڪ هو، جيئن سُلطانُ المفسرين، عظيم صحابيِ رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: لَمْ يَكُنْ لِرَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ظِلٌّ يعني رسول الله صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسم مبارڪ جو بلڪل سايو نہ، پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن ڏيئي جي سامهو تشريف آڻيندا هئا تہ سندن جو نور مبارڪ چراغ جي روشني تي غالب اچي ويندو هو ۽ جڏهن سج جي سامهون تشريف آڻيندا هئا تہ نورِ مصطفٰي جي سامهون سج جو نور هلڪو پئجي ويندو هو. (1)

حافظ الحديث، امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خصوصيت مان هڪ خصوصيت هي بہ آهي تہ **پاڻ** صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سايو زمين تي نہ پوندو هو، انڪري پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سراپا نور آهن. (2)

| | |
|---|---|
| صبح طیبہ میں ہوئی بٹتا ہے باڑا نور کا | صدقہ لینے نور کا آیا ہے تارا نور کا |
| تو ہے سایہ نور کا، ہر عُضْو ٹکڑا نور کا | سایہ کا سایہ نہ ہوتا، ہے نہ سایہ نور کا |

[1]...سبل الہدیٰ و الرشاد ،باب العاشر فی صفۃ وجہہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ،جلد:2 ،صفحہ:40۔

[2]...خصائص الکبریٰ،باب الآیۃ فی انہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لم یکن یری لہ ظل ،جلد:1،صفحہ:116۔

تیری نسلِ پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا | تو ہے عینِ نور تیرا سب گھرانا نور کا
جو گدا دیکھو لیے جاتا ہے توڑا نور کا | نور کی سرکار ہے کیا اس میں توڑا نور کا
میں گدا تو بادشاہ بھر دے پیالہ نور کا | نور دن دُونا تِرا دے ڈال صدقہ نور کا[1]

## جسمِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لطافت

اي عاشقانِ رسول! جسمِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ لطيف تہ هو، اهو پنهنجي جاءِ تي معجزو آهي، هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ جسمِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيتري قدر لطيف هو؟ اها بہ ڏاڍي نرالي ڳالهہ آهي. اسان جو هي جيڪو جسم آهي، اهو ڪَثِيف آهي ۽ اسان جو روح لطيف آهي روح تي جيتري قدر گناهن جي مِير چڙهندي ويندي، روح جي لطافت گهٽ ٿيندي ويندي آهي ۽ انسان جيتري قدر نيڪ ڪم ڪري، روح جي تازگي اوتري ئي وڌندي ويندي آهي. شيرِ ربّاني حضرت ميان شير محمد شرقپوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: دنيا ۾ سڀ کان وڏو ڪامل ولي غوث هوندو آهي ۽ ان غوث جو روح جيتري قدر لطيف هوندو آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جسم مبارڪ ان غوث جي روح کان 70 درجا وڌيڪ لطيف آهي. (2)

سبحٰن الله! هڪ طرف روح آهي، روح پاڻ ئي لطيف آهي، وري غوثيت واري درجي جي تازگي، سالن جا سال ڏينهن رات جي عبادت ۽ رياضت سان روح کي اجا وڌيڪ تازگي ملندي وئي، ايستائين جو دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ لطيف روح وقت جي غوث جو هوندو آهي تہ هڪ طرف هي ايتري قدر اعلٰي ۽ بلند رتبي وارو روح آهي، ٻئي طرف روح نہ بلڪ جسمِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي، ميان شير محمد شرقپوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: غوث جو روح جيتري قدر لطيف هوندو آهي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جسم پاڪ غوث جي روح

---

[1]...حدائق بخشش، صفحہ:244-246 ملتقطاً۔

[2]...البرہان ،صفحہ:14 بتغیرقلیل ۔

ڪان 70 درجا وڌيڪ لطيف آهي.

روح تو سب کی ہے زِندہ ان کا | جِسْمِ پُرِ نُور بھی رُوحانی ہے
اَوروں کی رُوح ہو کِتنی ہی لطیف | اُن کے اَجْسام کی کب ثانی ہے[1]

وضاحت: يعني انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا مبارڪ جسم روحاني هوندا آهن، ماڻهن جا روح ڪيترا ئي لطيف ڇو نه هجن، انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي جسم مبارڪ کان وڌيڪ لطيف هرگز نٿا ٿي سگهن.

## (2) قَد مبارڪ جو معجزو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسم پاڪ جو هڪ ٻيو نرالو معجزو آهي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قامت يعني قَد مبارڪ جو معجزو.

انسان جو قَد آهي، جسامت جي مطابق هجي ته سٺو لڳندو آهي، مثال طور ڪنهن جو جسم بلڪل سنهو هجي ۽ قَد ڪافي ڊگهو هجي ته ڏسڻ ۾ عجيب لڳندو، ائين ئي جسم ٿلهو هجي ۽ قد تمام ننڍو هجي، تڏهن به عجيب لڳندو. مطلب ته: انسان جو قَد ان جي حسن تي اثر وجهندو آهي، حسن جي تقاضا اها آهي ته جسم به نه گهڻو سنهو هجي، نه گهڻو ٿلهو هجي ۽ قَدّ به نه تمام ڊگهو هجي، نه تمام ننڍو بلڪ وچولو هجي.

**اسان جي آقا ۽ مولا**، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سيني حسينن کان وڌيڪ حسين آهن، لهذا ربّ ڪائنات پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جسم مبارڪ به نهايت وچٿرو بڻايو ۽ قَدّ مبارڪ به نه تمام گهڻو ڊگهو رکيو، نه تمام ننڍو بڻايو بلڪ محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو قَد مبارڪ نهايت مناسب ۽ وچٿرو هو.

پر هتي هڪ مشڪل آهي حسن اها تقاضا ڪندو آهي ته قَدّ مبارڪ وچٿرو هجي پر مشڪل هي آهي ته جڏهن ڪو ڊگهي قَدّ وارو **پاڻ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي

---

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:372 ۔

خدمت ۾ حاضر ٿيندو تہ ان جو قد پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ کان اوچو ڏسڻ ۾ ايندو پر اهو ٿي ڪيئن ٿو سگهي.....!! اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ سيني اوچائي وارن کان مٿاهون آهن.

| | |
|---|---|
| سب سے اَولیٰ و اعلیٰ ہمارا نبی | سب سے بالا و وَالا ہمارا نبی |
| سارے اُونچوں سے اُونچا سمجھئے جسے | ہے اس اونچے سے اُونچا ہمارا نبی |
| خلق سے اَولیا اَولیا سے رُسل | اور رَسولوں سے اَعلیٰ ہمارا نبی (1) |

ڪو شخص ظاهر ۾ بہ محبوبِ خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ کان اوچو ڏسڻ ۾ اچي، ربِّ ڪائنات ان ڪي بہ پسند نہ فرمايو!!

هاڻي هڪ طرف حسن جي تقاضا آهي تہ قدّ مبارڪ وچٿرو هجي، ٻئي طرف ضرورت آهي تہ ڪو ظاهر ۾ بہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ کان اوچو ڏسڻ ۾ نہ اچي، ان جي ڪري ربِّ ڪائنات پنهنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو قد مبارڪ وچولو ئي رکيو ۽ گڏو گڏ اهو معجزو بہ عطا فرمايو تہ چاهي ڪيتري ئي ڊگهي قد وارو انسان سندن خدمت ۾ حاضر ٿي ويندو هو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو قد مبارڪ ان کان اوچو ئي ڏسڻ ۾ ايندو هو.

جيئن تہ مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: نور وارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن بہ ڊگهي قد واري انسانن جي وچ ۾ هلندا هئا تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ انهن کان مٿي ئي ڏسڻ ۾ ايندا هئا پر حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ جيئن ئي انهن ڊگهن قد وارن کان جدا ٿيندا هئا تہ سندن قد مبارڪ وچٿرو ڏسڻ ۾ ايندو هو. (2)

مسلمانن جا چوٿان خليفہ، حضرت علي المرتضٰي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ: حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ گهڻا قد جا ڊگها هئا نہ ننڍي قد جا بلڪ وچولي قد جا مالڪ هئا. پر جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ هوندا هئا تہ سيني کان اوچي قد

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:140۔

[2]...خصائص الکبریٰ،باب الآیۃ فی طولہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ،جلد:1،صفحہ:116۔

وارا ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

تِرا قَد تو نادِرِ دَہر ہے کوئی مِثْل ہو تو مِثال دے
نہیں گُل کے پودوں میں ڈالیاں کہ چمن میں سَروِ چماں نہیں(1)

**وضاحت:** يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اوهان جو قد مبارڪ سڄي زماني ۾ هڪ عجيب تحفو آهي هن جو ڪو مَٽ هجي تہ مثال ڏنو وڃي ، چمن ۾ گلاب جي ٻوٽن جون سڌيون ٽاريون هجن يا سَرو[2] جو قد آور وڻ هجي اهو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ناز ۽ انداز سان هلڻ واري خوبصورت قد جي مثال نٿو بڻجي سگهي.

## معنوي رِفْعَت حسّي طورتي ڏسڻ ۾ ايندي هئي

اي عاشقانِ رسول! علامہ زُرْقاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن مقام تي هڪ ٻئي ڏاڍي ڪمال جي ڳالهہ لکي آهي، ڏسو! اسان پنهنجي ظاهري اکين سان ڪنهن جي ظاهري جسم کي تہ ڏسي سگهون ٿا پر ان جي صلاحيتن کي اک سان نٿا ڏسي سگهون. مثال طور هڪ شخص آهي: زيد اسان ان جي 5 يا 6 فٽ جي جسامت تہ ڏسي سگهون ٿا پر زيد حافظِ قرآن بہ آهي، اسان ان جي حفظ کي نٿا ڏسي سگهون، زيد عالمِ دين بہ آهي، اسان ان جي عالم هجڻ کي نٿا ڏسي سگهون، زيد ڪنهن فن ۾ ماهر آهي، اسان ان جي مهارت کي نٿا ڏسي سگهون.

پر قربان وڃجي! رب ڪائنات جي قدرت جي بہ ڇا تہ نرالي شان آهي، علامہ زُرْقاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ هوندا هئا تہ قد مبارڪ اوچو ڏسڻ ۾ ايندو هو، هن جو اهو مطلب ناهي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو قد مبارڪ ان وقت ڊگهو ٿي ويندو هو، بعد ۾ وري پنهنجي اصلي حالت تي موٽي ايندو هو نہ، نہ...!! ائين نہ هو بلڪ الله پاڪ پنهنجي محبوب کي جيڪا معنوي رِفعت ۽ بلندي عطا فرمائي، اوصاف ۽ ڪمالات جي جيڪا رِفعت، بلندي ۽ اوچائي آهي، اها ئي معنوي بلندي ڏسڻ وارن کي ظاهري

---

[1] ...حدائقِ بخشش، صفحہ:109۔

[2] هڪ مشهور جابلو وڻ (جيڪو سڌو ۽ اوچو ٿئي ٿو)

اکين سان ڏسڻ ۾ ايندي هئي ۽ انهن کي لڳندو هو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سيني کان اوچا ۽ بلند آهن.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْبِ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اهي تہ جسمِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا معجزا هئا اڃو هاڻي! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چند مبارڪ عضون جا معجزا ٻڌون ٿا:

## (3) قوّتِ سماعت جا معجزا

اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ڪن مبارڪ نهايت حسين، خوبصورت ۽ ڪامل هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ڪن مبارڪ نهايت گورا ۽ اڇا هئا. ۽ مبارڪ وار نهايت ڪارا هئا. جڏهن مبارڪ وار مبارڪ ڪنن کي پنهنجي گهيري ۾ وٺندا هئا تہ نهايت پيارو منظر هوندو هو، مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ان خوبصورت منظر کي بيان ڪندي فرمائن ٿيون: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ وارن جي وچ ۾ اڇا اڇا ڪن ائين لڳندا هئا جيئن رات جي اونداهي ۾ 2 تارا چمڪي رهيا هجن.[2]

ہے کلامِ الٰہی میں شمس و ضحےٰ، ترے چہرۂ نُور فزا کی قسم
قسمِ شبِ تار میں راز یہ تھا کہ حبیب کی زُلفِ دوتا کی قسم[3]

وضاحت: اي منهنجا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ وَالضُّحٰى فرمائي اوهان جي مبارڪ چهري جو قسم ياد فرمايو ۽ وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰى فرمائي اوهان جي مبارڪ زلفن جو قسم ياد فرمايو.

---

[1]...شرح الزرقانی،مقصدالثالث ،فصل الاول فی کمال خلقتہ و جمال صورتہ ،جلد:5 ،صفحہ:485۔

[2]...دلائل النبوۃ للبیہقی،حدیث ہند بن ابی ہالۃ فی صفۃ رسول اللہ ،جلد:1 ،صفحہ:300۔

[3]... حدائق بخشش،صفحہ:80 ۔

## آسمان جي چيچاٽ جو آواز ٻڌي ورتو

حديث پاڪ جي مشهور ڪتابن ترمذي، ابنِ ماجہ ۽ مسند امام احمد جي روايت آهي: هڪ ڀيري مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ مان اهو ڏسان ٿو جيڪو توهان نٿا ڏسو، مان اهو ٻڌان ٿو جيڪو توهان نٿا ٻڌو. بيشڪ آسمان چيچاٽ ڪيا ۽ ان جو حق آهي تہ اهو چيچاٽ ڪري ڇو تہ آسمان تي 4 آڱرن جي برابر بہ جڳهہ اهڙي ناهي، جتي ڪو ملائڪ پيشاني رکي رب ڪريم جي حضور سجدو نہ ڪري رهيو هجي.[1]

سبحٰن الله! **پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڀريان تہ نگاهِ مصطفٰي جو ڪمال ڏسو! زمين تہ زمين رهي، آسمان زمين کان ڪيئي درجا وڌو آهي ۽ مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ زمين تي رهي ڪري آسمان جو مشاهدو فرمائي رهيا آهن ۽ ڏسو! ڪيترو گهرو مشاهدو آهي تہ آسمان جو 4 آڱرن جي برابر حصّو بہ اهڙو ناهي جو نگاهِ مصطفٰي کان لڪيل هجي، رسولِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ زمين تي ويهي ڏسي رهيا آهن تہ آسمان تي 4 آڱرن جي برابر بہ جڳهہ خالي ناهي جو جاتي ڪو ملائڪ پيشاني رکي ربّ ڪريم جي حضور سجدو نہ ڪري رهيو هجي.

**وري سماعتِ مصطفٰي جو بہ ڪمال ڏسو!** آسمان هتان کان هزارين ڪلو ميٽر پري آهي، اسان جهڙن عام انسانن کي تہ ٻئي ڪمري ۾ ويٺل ماڻهن جو آواز بہ ٻڌڻ ۾ ناهي ايندو ۽ سرور عالم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا مبارڪ ڪن اهڙا آهن جو زمين تي ويهي ڪري هزارين ڪلو ميٽر پري آسمان جي چيچاٽ جو بہ آواز ٻڌي وٺندا آهن.

دُور و نزدیک کے سننے والے وہ کان | کانِ لعلِ کرامت پہ لاکھوں سلام[2]

**وضاحت:** سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ڪَن مُبارڪ جيڪي درحقيقت عزّت جا

[1]…ترمذی، کتاب الزہد، باب فی قول النبی:لوتعلمون مااعلم ،صفحہ :554، حدیث:2312۔

[2]…حدائقِ بخشش،صفحہ :300۔

موتي، عظمت ۽ شان جا هيرا ۽ جواهرات جي کاڻ آهن، جهڙي طرح ويجهي کان ٻُڌن ٿا، انهيءَ طرح پَري کان بہ ٻُڌن ٿا. اهڙا مبارڪ ڪن جيڪي عزت ۽ عظمت جي موتين جو سرچشمو آهن، اهڙن مُبارڪ ڪَنَن تي لکين سَلام هجن.

## لکين سال بعد جا آواز ٻڌي ورتا

بخاري شريف جي روايت آهي: هڪ ڀيري مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فجر جي وقت پنهنجي مؤذن حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْه کي فرمايو: اي بلال! مسلمان ٿيڻ کان بعد جيڪي توهان نيڪ اعمال ڪيو ٿا، ان ۾ ڪهڙو خاص عمل ڪيو ٿا؟ بيشڪ مون جنت ۾ پنهنجي اڳيان اڳيان تنهنجي قدمن جو آواز ٻڌو آهي. حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْه عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻيو تہ ڪو خاص اهڙو عمل ڪونهي، البت اهو آهي تہ ڏينهن يا رات ۾ جڏهن بہ وضو ٽٽندو آهي تہ مان يڪدم وضو ڪري (مڪروهہ وقت نہ هجي تہ) تَحِيّةُ الْوُضُو جا نفلَ پڙهي وٺندو آهيان.[1]

سبحٰن الله! **پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هن حديث پاڪ مان هڪ تہ تَحِيّةُ الْوُضُو جي فضيلت معلوم ٿي تہ حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْه پابندي سان تَحِيّةُ الْوُضُو جا نفل پڙهندا هئا، هن جي برڪت سان الله پاڪ سندن کي اهڙو مقام عطا فرمايو جو پاڻ قيامت جي ڏينهن خادمانہ شان سان مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اڳيان اڳيان جنت ۾ داخل ٿيندا.

ٻيو هن حديث پاڪ مان سماعتِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان جو بہ اندازو لڳايو! مُفَسّرِشَهِيرحڪيمُ الأُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي وضاحت ۾ فرمائن ٿا: خيال رهي! معراج جي رات نہ ئي حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْه حضور سان گڏ جنت ۾ ويا، نہ سندن کي معراج ٿي بلڪ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان رات اهو واقعو ملاحظ فرمايو جيڪو قيامت کان بعد

[1]...بخاري،ڪتاب: تہجد،باب: فضل الطهور بالليل و النهار،صفحہ :332 ،حديث:1149۔

ٿيندو ڇوته تمام مخلوق کان پهريان حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنت ۾ هن طرح داخل ٿيندا جو حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ خادم جي حيثيت سان اڳيان اڳيان هوندا. هن مان معلوم ٿيو: حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! جي مبارڪ اکين ۽ ڪنن کي اهو شان عطا ڪيو ويو آهي جو پاڻ لکين سال بعد ٿيڻ وارن واقعن کي ڏسي به وٺندا آهن ۽ انهن جا آواز به ٻڌي وٺندا آهن، اهو واقعو معراج جي رات کان ڪيئي لک سال بعد ٿيندو پر قربان انهن ڪنن تان جو ان وقت جي واقعي جو آواز اڄ(يعني معراج جي رات) ئي ٻڌي رهيا آهن. (1)

اے کرم کی کان، اے گوشِ حضور | سُن لے فریادِ غریباں اَلْغِیَاث (2)

**وضاحت:** اي ڪرم جا سرچشما، اي حضور جانِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ڪن مبارڪ! اسان غريبن جي فرياد ٻڌي وٺ، اسان جي مدد فرماءِ.

## سماعت مصطفٰي جو نرالو شان

اي عاشقانِ رسول! هاڻي سماعتِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هڪ نرالو شان ٻڌو! سائنسي لحاظ سان ڏٺو وڃي ته جڏهن به شيون پاڻ ۾ ٽڪرائينديون آهن ته ان مان آواز پيدا ٿيندو آهي، اهو آواز اسان جي قوتِ سماعت جي دائري(***Range***) ۾ هجي ته اسان ان کي ٻڌي سگهون ٿا، نه ته نٿا ٻڌي سگهون. پوءِ جيڪڏهن اسان اهو آواز ٻڌي به وٺون ته ان کي سمجهڻ جي لاءِ ضروري آهي ته ان آواز ۾ الفاظ موجود هجن ۽ اهي الفاظ به ان زبان ۾ هجن جيڪا زبان اسان کي اچي ٿي يعني اهي سيئي تقاضا پورا هجن، آواز هجي، اسان جي ڪنن تائين پهچي، ان ۾ الفاظ به هجن، اسان انهن لفظن جي زبان به ڄاڻيندا هجون تڏهن اسان ڪنهن آواز کي ٻڌي ڪري ان کي سمجهي سگهون ٿا پر سماعتِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نرالو شان آهي، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هزارين ڪلو ميٽر پري وارا آواز به ٻڌن ٿا، لکين سال بعد جي واقعن جا آواز به ٻڌن ٿا، هاڻي ان کان ٿورو اڳتي وڌو! هي جيڪو ڪجھ

---

[1]... مرآة المناجيح، جلد:2، صفحه:302 بتغير قليل ـ

[2]... ذوقِ نعت، صفحه:106ـ

اوهان ٻڌو، اتي گهٽ ۾ گهٽ آواز ته هو پر ڪهڙو نرالو شان آهي جو جتي ظاهر طور ڪو آواز پيدا ئي نه ٿئي، آواز جون لهرون به نه ٻڌجن، الفاظ به نه هجن، اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تڏهن به ٻڌي به ونندا آهن ۽ سمجهي به ونندا آهن.

ابوداؤد شريف جي حديث پاڪ آهي، حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: غزوه خيبر جو موقعو هو، هڪ غير مسلم عورت هڪ ڀُڄيل ٻڪري بارگاهِ رسالت ۾ تحفي طور پيش ڪئي، پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو تحفو قبول فرمايو، ان ڀُڄيل ٻڪري جي هڪ ٽنگ مبارڪ ڪٽي کائڻ لڳا، صحابهِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان به گوشت کائڻ شروع ڪيو، اجان هڪ اڌ لقمو ئي کاڌو هو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سيني کي کاڌي کان منع فرمايو، پوءِ ان غير مسلم عورت کي گهرايو ۽ پڇيو: ڇا تو ان گوشت ۾ زهر ملايو آهي؟ ان چيو: هائو! زهر ته ملايو آهي پر اها ڳالهه اوهان کي ڪنهن ٻڌائي؟ عظيم سماعتن واري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَخْبَرَتْنِيْ هٰذِهٖ فِيْ يَدِيْ هي ڀُڄيل ٻڪري جي ٽنگ جيڪا منهنجي هٿ ۾ آهي، مون کي هن ٻڌايو آهي. (1)

الله اڪبر! غور فرمايو! ٻڪري زنده ناهي، ذبح ڪيل بلڪ ذبح کان بعد پچي ڪري ڀُڄجي چڪي آهي، هاڻي هن مان آواز ڪيئن ايندو؟ هن ۾ الفاظ ڪٿان ايندا؟ پر اهو سماعتِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي ظاهر طور آواز ناهي، ڪو لفظ به ناهي، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان ڀڄيل ٻڪري جي ٽنگ جي ڳالهه ٻڌي به ورتي ۽ ان کي سمجهي به ورتو.

دُور و نزدیک کے سُننے والے وہ کان | کانِ لعلِ کرامت پہ لاکھوں سلام (2)

وضاحت: سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ڪَن مُبارڪ جيڪي درحقيقت عزّت جا موتي، عظمت ۽ شان جا هيرا ۽ جواهرات جي کاڻ آهن، جهڙي طرح قريب

---

1...ابو داؤد،كتاب الديات ،باب فيمن سقى رجلا،صفحه: 711 ،حديث:4510 ـ

2...حدائقِ بخشش،صفحه:300ـ

ڪان ٻُڌن ٿا، انهيءَ طرح پَري ڪان به ٻُڌن ٿا. اهڙا مبارڪ ڪن جيڪي عزت ۽ عظمت جي موتين جو سرچشمو آهن، اهڙن مُبارڪ ڪَنَن تي لکين سَلام هجن.

## لکين غلامن جو درود ٻڌي وٺندا آهن

اي عاشقانِ رسول! هاڻي هتي غور فرمايو! پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪي هزارين ڪلوميٽر پري جا آواز به ٻڌي وٺندا آهن، لکين سال پوءِ ٿيندڙ واقعا به ٻڌي وٺندا آهن بلڪ جتي آواز ئي نه هجي، الفاظ ئي نه هجن، ان کي به ٻڌي وٺندا آهن، سمجهي به وٺندا آهن ته ڇا پنهنجي غلامن جو دُرود نه ٻڌي سگهندا هوندا؟ يقيناً رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ گنبذِ خضرا شريف ۾ تشريف فرما رهي ڪري سڄي دنيا جي غلامن جو درود پاڪ ٻڌندا به آهن ۽ جيڪڏهن چاهن ته ڪرم به فرمائيندا آهن، پنهنجو جلوو به ڏيکاريندا آهن.

حديث پاڪ ۾ آهي، اسان جي پياري پياري آقا، رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: منهنجو جيڪو اُمّتي مون تي دُرود پڙهندو آهي اهو جتي به هجي، ان جو آواز مون تائين پهچندو آهي.(1)

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڇا عظيمُ الشان سماعت آهي...!! درود پاڪ پڙهڻ وارا پڙهندا آهن، ڪير پاڪستان ۾ پڙهي رهيو آهي، ڪو ترڪستان ۾، ته ڪو بخارا ۾ پڙهي رهيو آهي، ڪو سمرقند ۾، ته ڪو آمريڪا ۾ درود پڙهي رهيو آهي، ڪو اَفريقا ۾، ته وري ڪو جاپان ۾ ويهي درود شريف جا نظرانا پيش ڪري رهيو آهي، ته وري ڪو عراق ۾، مطلب ته: پوري دنيا ۾ جتي جتي به مسلمان عاشقانِ رسول آهن، اهي درود پاڪ پڙهندا آهن، پوءِ اهي هڪ به نه بلڪ هزارين لکين مسلمان آهن، ڪو وقت اهڙو ناهي گذرندو جتي ڪو درود پاڪ نه پڙهي رهيو هجي، ڏينهن هجي يا رات، صبح هجي يا شام، منجهند هجي يا آڌي رات، هر وقت لکن جي تعداد ۾ عاشقانِ رسول بارگاهِ مصطفيٰ ۾ درودن

[1]...ابو داؤد، ڪتاب المناسڪ، باب زيارة القبور،صفحه:326 ،حديث:2042۔

جا نظرانا پيش ڪري رهيا آهن ۽ رَبّ ڪائنات پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ ڪنن کي اهو شان عطا فرمايو آهي جو پاڻ هر وقت سيني جو درود سماعت فرمائيندا آهن.

والله! وه سُن ليں گے، فرياد کو پہنچيں گے | اِتنا بھی تو ہو کوئی جو آہ کرے دِل سے[1]

**وضاحت:** بس ڪير دل سان فرياد ڪري تہ سهي، الله پاڪ جو قسم! پيارا آقا، مديني وارو مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرياد ٻڌي بہ وٺندا، مدد بہ فرمائيندا.

## (4) اک مبارک جا معجزا

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اچو! امامُ الانبياء، محبوبِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ اکين جو شان ٻڌون ٿا:

## مبارڪ اکين جو حُسن ۽ جمال

❀سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون مبارڪ اکيون ڪُشاديون ۽ خوب سياهہ هيون[2] ❀مبارڪ اکين جي سفيد حصّي ۾ سُرخ ڏور هئي[3] ❀ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون مبارڪ اکيون قدرتي طور تي سُرمَگِين هيون (يعني پاڻ سُرمو توڙي جو لڳائيندا هئا پر سرمو لڳائڻ جي حاجت نہ هئي)[4] ❀حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ننڍپڻ هيو، ٻيا ٻار جڏهن ننڊ مان اٿندا هئا تہ انهن جا وارَ وکريل هوندا هئا ۽ اکيون ننڊ هاڻيون هونديون هيون، ليڪن رسولِ خُدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن ننڊ مان جاڳندا هئا تہ سَرِ اَقْدَس تي تيل ۽ اکين ۾ سُرمو لڳل هوندو هو.[5]

---

[1]...حدائقِ بخشش،صفحہ:143۔

[2]...دلائل النبوة للبيهقی ،باب صفة عين رسول الله ، جلد:1، صفحہ:213۔

[3]...دلائل النبوة للبيهقی ،باب صفة عين رسول الله ، جلد:1، صفحہ:210۔

[4]... دلائل النبوة للبيهقی ،باب صفة كفی رسول الله ، جلد:1، صفحہ:248۔

[5]...طبقات الكبریٰ،ذكر ابی طالب و ضمہ رسول الله، جلد:1، صفحہ:96۔

## آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏسڻ جو مبارڪ انداز

اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادَت مبارڪ هئي تہ پاڻ حيا سان نگاهون جهڪائي رکندا هئا ۽ جڏهن ڪنهن کي ڏسندا هئا تہ عادت مبارڪ هئي تہ اک جي ڪنڊ سان ڏسندا هئا.[1]

نيچي آنکھوں کی شَرم و حَیا پر دُرود | اُونچی بِینی کی رِفعَت پہ لاکھوں سلام[2]

## سامهون ۽ پٺيان هڪجهڙو ڏسندا هئا

مشهور صحابي رسول حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کي نمازِ ظهر پڙهائي، جماعت جي آخري صف ۾ هڪ شخص هيو، ان نماز جي دوران ڪجھ غلطي ڪئي، جڏهن نماز مڪمل ٿي، سرورِ عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سلام ورايو تہ ان آخري صف واري شخص کي آواز ڏئي ڪري فرمايو: اي فلاڻا! ڇا تُون الله پاڪ کان نٿو ڊڄين؟ ڇا تون نٿو ڏسين تہ تون ڪيئن ٿو نماز پڙهين؟

پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا توهان اهو سمجهو ٿا تہ مون تي توهان جو ڪو عمل لڪيل رهندو آهي؟ الله پاڪ جو قسم! مان پنيان بہ ايئن ئي ڏسندو آهيان، جيئن سامهون کان ڏسندو آهيان.[3]

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڇا ڪمال جي نگاهہ آهي! حڪيمُ الأُمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن حديث پاڪ مان چند مسئلا ثابت ٿيا: (1): حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اک شريف اڳيان، پويان، ساڄي، کابي، انڌيري سوجهري ۾ هر شيءِ ڏسي وٺندي آهي (2): حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اک مبارڪ جي لاءِ

---

[1]...دلائل النبوة للبيهقي ،حديث ہند بن ابی ہالة فی صفة رسول لله ، جلد:1 ،صفحہ:287۔

[2]...حدائق بخشش،صفحہ:301۔

[3]...مسند احمد،مسند ابی ہریرہ،جلد:4 ،صفحہ: 662 ،حديث:10049۔

ڪابہ شيءِ آڙ يا حجاب (يعني پردو) ناهي، ❁ڏسو! حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ امامت جي مصلي تي آهن ۽ اهو شخص آخري صف ۾، وچ ۾ گهڻيون صفون آهن پر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نگاهِ پاڪ ان جي هر حرڪت کي ڏسي رهي آهي ۽ هي چو نہ ٿئي ❁جڏهن حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام 3 ميل جي فاصلي تان ڪِوِل کي ڏسي وٺن ۽ ان جو آواز بہ ٻڌي وٺن ❁آصف بن برخيا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شام ۾ ويٺي ملڪ بلقيس جو يمني تخت ڏسي وٺن ۽ اک ڇهنب ۾ حاضر ڪن ❁عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام گهرن جي اندر ڪاڌل ڪاڌي ۽ جمع ڪيل ڪٽڪ کي ڏسي وٺن تہ پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ سيدُ الْاَنبِياء آهن (پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اک مبارڪ پري ويجهو، لڪيل ظاهر کي چو نہ ڏسندي). **(3)** مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (هن حديث پاڪ مان هڪ اهم درس هي حاصل ٿيو تہ) هر اُمّتي کي گهرجي تہ نماز ۾ خيال رکي تہ مون کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏسي رهيا آهن، ڏسو! سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مان توهان کي پويان بہ ڏسان ٿو ۽ اڳيان ڪان بہ ڏسان ٿو، لهٰذا تاقيامت پنهنجي هر امتي کي ڏسي رهيا آهن.

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نگاهِ مصطفيٰ جو ڪمال بيان ڪندي فرمائن ٿا:

شش جہت سمتِ مقابل شب و روز ایک ہی حال
دُھوم وَالنَّجْم میں ہے آپ کی بینائی کی [1]

وضاحت: سمتِ مقابل: يعني سامهون جي طرف. هي اسان جهڙا عام ماڻهو آهن، اسان کي صرف اها ئي شيءِ نظر ايندي آهي جيڪا اسان جي اکين جي سامهون هجي مگر نگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اهو ڪمال آهي جو پاڻ مٿي، هيٺ، ساڄي، کابي، اڳيان پويان، هر طرف ڏسندا آهن، ڇهہ جون ڇهہ سمتون (يعني ساڄي، کابي، مٿي، هيٺ، اڳيا پويان) پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ ايئن آهن جيئن عام اک جي لاءِ سامهون جي سمت هوندي آهي ۽ هي ايئن ناهي جو ڪنهن وقت هوندو آهي بلڪ ڏينهن رات، هر وقت، هر گهڙي پاڻ

[1] ...حدائقِ بخشش، صفحہ:154۔

صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي نگاهِ پاڪ جو اهو ئي ڪمال آهي. جيڪڏهن ان جو دليل ڏسڻو آهي تہ سيپاري: 27، سوره وَالنَّجۡم پڙهو، اللّٰه پاڪ هن سورت ۾ پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڏسڻ جي قوت جو ڪمال بيان فرمايو آهي.

## نگاهِ مصطفيٰ جو نرالو معجزو

اي عاشقانِ رسول! هي تہ ڇهہ سَمتون (يعني اڳيان، پويان، ساڄي، کاٻي، مٿي، هيٺ جي 6 سمتن) جي ڳالهہ آهي، نگاهِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي اللّٰه پاڪ جيڪي ڪمال عطا فرمايا آهن، اهي ان کان بہ وڌيڪ آهن، ڏسو! پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ ڇهہ ئي سمتن ۾ برابر ڏسندا آهن، اهو بہ وڏو ڪمال آهي پر غور فرمايو! هي جهتون ڪٿي آهن؟ هن دنيا ۾، هن جهان ۾، هن جهان کان هٽي ڪري ٻيو جهان آهي، اهو هنن 6 سمتن ۾ ناهي ايندو بلڪ اهو تہ جهان ئي تبديل هوندو آهي، مثلاً عالمِ اَرواح آهي، پوءِ عالمِ دنيا، پوءِ عالمِ برزخ آهي، پوءِ عالمِ آخرت آهي، اهڙي طرح هزارين جهان آهن، اسان انهن جهانن ۾ ڇهہ جون ڇهہ تہ ڇا 2 سمتن ۾ بہ برابر نٿا ڏسي سگهون، اسان سامهون ڏسي رهيا هجون تہ پويان نظر ناهي ايندو، پويان ڏسون تہ سامهون جون شيون نظر ناهن ايندين تہ جڏهن اسان هڪ جهان جي ڇهہ ئي سمتن ۾ برابر نٿا ڏسي سگهون تہ هڪ جهان ۾ رهي ڪري ٻي جهان کي ڪيئن ڏسي سگهنداسين؟ جيڪي اڄا عالمِ ارواح ۾ آهن، اڄان دنيا ۾ آيا ئي نہ آهن، اهي هن دنيا کي نٿا ڏسي سگهن، جيڪي دنيا ۾ آهن، اهي عالم برزخ کي نٿا ڏسي سگهن مگر قربان وڃجي! رَبّ ڪائنات پنهنجي محبوب حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي ڪهڙي ڪمال جي نگاهہ عطا فرمائي آهي، سندن اک مبارڪ هن جهان ۾ رهي ڪري ٻي جهان وارن کي بہ ڏسي وٺندي آهي.

بخاري شريف جي حديث پاڪ آهي، هڪ ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪٿان کان گذري رهيا هئا، 2 قبرون ڏسي، فرمايائون: هنن ٻنهي قبر وارن تي عذاب ٿي رهيو آهي ۽ عذاب بہ ڪنهن

اهڙي گناهہ جي سبب ناهي ٿي رهيو جنهن کان بچڻ مشڪل هجي، هنن مان هڪ پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچندو هو ۽ ٻيو چغل خور هو.[1]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ مان هڪ تہ چغلي ۽ پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچڻ جي تباهہ ڪاري معلوم ٿي جيڪو ماڻهو چغلي هڻندو آهي، فساد ڪرائڻ لاءِ هڪ جون ڳالهيون ٻي تائين پهچائيندو آهي ۽ جيڪو پيشاب جي ڇنڊن کان ناهي بچندو، هي ٻئي سخت نقصان ۾ آهن، روايتن جي مطابق قبر جو عذاب زيادہ تر انهن ٻئي گناهن جي ڪري ٿيندو آهي.

ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان هنن ٻنهي گناهن کان بلڪ سڀني گُناهن کان هر دم بچندا رهون. الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

ٻي نمبر تي هن حديث پاڪ ۾ نگاهِ مصطفيٰ جو ڪمال بہ بيان ٿيو آهي، هتي اهو نہ سمجهو تہ قبر تي چند مَڻ مٽي آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان مٽي جي هيٺيان ڏسي ورتو، نہ، نہ....! ايئن ناهي، اهو جهان تبديل آهي، قبر ۾ اندر جهاتي پائي ڏسڻ هونئن ٻئي شرعاً درست ناهي، باقي برسات وغيرہ جي سبب ڪڏهن قبر کلي وڃي تہ اسان کي اتي ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو، ڇو؟ ان ڪري جيڪو اسان ڏسي رهيا آهيون اهو دنيا آهي، مُردي سان جيڪي معاملات ٿي رهيا آهن، اهي دنيا ۾ نہ بلڪ ٻي جهان يعني عالم برزخ ۾ ٿي رهيا آهن پر قربان وڃجي! هي نگاهہ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪمال آهي، پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن دنيا ۾ ظاهري حيات سان گڏ تشريف فرما آهن، هي جهان عليحدہ آهي، عالمِ برزخ الڳ جهان آهي ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن جهان ۾ رهندي ٻي جهان کي ڏسي بہ رهيا آهن ۽ ٻي جهان ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ڪهڙي سبب ٿي رهيو آهي؟ اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي بہ رهيا آهن.

---

[1]...بخاری،کتاب الوضوء ،باب من الکبائر ان لا یستتر من بولہ ،صفحہ:128 ،حدیث:216۔

## تمام جھانن سان تعلق قائم آھي

حضرت علامہ احمد سعيد ڪاظمي شاھ صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ھن مقام تي تمام پيارو علمي نڪتو بيان ڪيو آھي، سندن ارشاد جو خلاصو آھي: رَسول جو مُرۡسَلَ اِلَيۡہِ (يعني پنھنجي اُمّت) سان ھڪ تعلق ھوندو آھي، جيڪڏھن تعلق قائم نہ رھي تہ معاذالله! رسالت ئي باقي نہ رھندي. ھاڻي ڏسڻو اھو آھي تہ رسول اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت جو دائرو ڪيستائين آھي؟ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| تَبٰرَكَ الَّذِیْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ لِیَكُوْنَ لِلْعٰلَمِیْنَ نَذِیْرَاۙ(۱)<br>(پاره:18، سورة فرقان:1) | ترجمو ڪنزالايمان: اھو(الله) وڏي برڪت وارو آھي جنھن پنھنجي ٻانھي تي قرآن نازل فرمايو تہ جيئن ھو سڄي جھان وارن کي ڊيڄاريندڙ ھجي. |

معلوم ٿيو: رسول اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڄي جھانن کي ڊپ (خوف) ٻڌائڻ جي لاءِ تشريف ڪٺي آيا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام جھانن جي لاءِ رسول آھن ❁عالم ارواح جا بہ رسول آھن ❁عالمِ دنيا جا بہ رسول آھن ❁عالمِ برزخ جا بہ رسول آھن، انھيءَ لاءِ سندن رسالت ئي اھو تقاضو ڪري ٿي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو تعلق ھر وقت تمام جھانن سان بدستور قائم رھي. اھو ئي سبب آھي تہ جڏھن پاڻ ھن دنيا ۾ تشريف فرما ھئا تہ عالم برزخ سان بہ مسلسل تعلق قائم ھو، ھاڻي جڏھن پاڻ عالم برزخ ۾ تشريف فرما آھن تہ ھاڻي بہ ھن دنيا سان سندن تعلق بدستور قائم آھي.[1]

| | |
|---|---|
| وہ جو نہ تھے تو کچھ نہ تھا، وہ جو نہ ہوں تو کچھ نہ ہو | جان ہیں وہ جہان کی، جان ہے تو جہان ہے[2] |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]…مواعظِ ڪاظمی،جلد:1، صفحہ:22- 23 ملخصًا۔

[2]…حدائقِ بخشش،صفحہ:178۔

## ٻين مبارڪ عضون جا معجزا

اي عاشقان رسول! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سراپا معجزو آهن. پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا موءِ مبارڪ اهڙا بيمثال ۽ باڪمال آهن جو صديون گذري ويون اڄ به ❀ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دنيا ۾ هزارين عاشقانِ رسول وٽ صحيح سلامت موجود آهن. ❀ اڄ به موءِ مبارڪ جي برڪت سان شِفا ملندي آهي ❀ موءِ مبارڪ جي برڪت سان مشڪلات حل ٿينديون آهن ❀ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ هٿن جي ڳالهه ڪجي! ته هي اهي مبارڪ هٿ آهن جو انهن جي برڪت سان شِفا ملندي آهي ❀ هٿ مبارڪ جنهن شيءِ کي ڇُهَن، ان کي زندگي بخشي ڇڏيندا آهن ❀ هڪ ڀيري پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ آسيب زده (جنات ۾ مبتلا) تي هٿ مبارڪ گهمايو ته ان کي شِفا ملي وئي [(1)] ❀ حضرت قتاده رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي اک نڪري وئي هئي، پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي پاڪيزه هٿ سان اک جو تارو واپس ان جي مقام تي رکيو ته ان کي شفا نصيب ٿي وئي [(2)] ❀ حضرت عبدالله رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي ٽنگ ڀڄي پئي هئي، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هٿ مبارڪ گهمايو ته ٽنگ نيڪ ٿي وئي. [(3)] ❀ غزوه بدر جي موقعي تي حضرت عڪاشه رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي تلوار ٽُٽي پئي هئي، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي هٿ مبارڪ سان ان کي وڻ جي ٽاري پڪڙائي ته اها سفيد چمڪندڙ تلوار بڻجي وئي [(4)] ❀ هڪ ڀيري حضرت بِشْر بن معاويه رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي مٿي تي هٿ گهمايو ته انهن جي هي حالت ٿي وئي جو جنهن مريض کي هٿ لڳائيندا هئا، اهو مريض شِفا ماڻيندو هيو ۽ [(5)] ❀ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ

---

[1] …مسند احمد، جلد: 9، صفحه:651، حديث:24468 ملخصًا۔

[2] …امتاع الاسماع،و اما رد الرسول عين قتادة، جلد:11، صفحه:330 ملخصًا۔

[3] …بخاری،کتاب المغازی، باب قتل ابی رافع عبد الله، صفحه:1015، حديث:4039 ملتقطًا۔

[4] …جامع الاصول فی احادیث الرسول،عکاشه بن محصن،جلد: 10، صفحه:443۔

[5] …کنزالعمال،کتاب الفضائل، فضائل الصحابة، جز:13، جلد:7،صفحه:130، حديث:36856 ملخصًا۔

جي جسم تي هٿ لڳايو تہ سڄي زندگي ان جي جسم مان تازي خوشبوء مهڪندي رهي [1] اهڙي ريت زبان مبارڪ جي ڳالھ ڪجي تہ سُبحٰن الله! ڇا شان آهي...!! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

وہ زباں جس کو سب کُن کی کُنجی کہیں | اس کی نافذ حکومت پہ لاکھوں سلام [2]

وضاحت: يعني اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زبان مبارڪ تقديرِ الاهي جي ڪنجي آهي جيئن جيئن هي مبارڪ زبان کلندي ويندي آهي، واقعات ايئن ئي ٿيڻ لڳندا آهن. هن مبارڪ زبان جا ڪمالات ڏسي ڪري چوٽو پوي ٿو تہ ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ تي ان جي حڪومت آهي ۽ اهڙي حڪومت تي لکين سلام.

❀ زبان مبارڪ مان بس ڳالھ نڪرڻ جي دير هوندي هئي، جيڪو فرمائيندا هئا، اهو ئي ٿي ويندو هيو، هڪ ڀيري حضرت علي المرتضيٰ، شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ عرض ڪيو: يارَسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! سيءُ لڳي رهيو آهي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ دُعا فرمايائون: ياالله! علي کان سردي گرمي دور فرماءِ. ان دعا کان پوءِ موليٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي هي حالت ٿي وئي جو نہ سردي لڳندي هئي، نہ گرمي، پاڻ گرمين ۾ ٿلها ڪپڙا پائيندا هئا ۽ سردين ۾ سنها ڪپڙا پائيندا هئا. [3]

اهڙي طرح چهره اَنور جي ڳالھ ڪجي تہ

دیکھنے والے کہا کرتے ہیں اللہ! اللہ! | یاد آتا ہے خُدا دیکھ کے صُورت تیری [4]

❀ بلڪ هي تہ سراپا معجزه نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسمِ مبارڪ جي مُقدَّس عضون جا معجزا آهن ❀ جيڪڏهن صرف پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

---

[1]... سبل الهدیٰ و الرشاد،باب التاسع فی عرقہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و طيبہ ،جلد:2 ،صفحہ:86ملخصًا۔

[1]...حدائقِ بخشش،صفحہ:302۔

[2]...حدائقِ بخشش،صفحہ:302۔

[3]...ابن ماجہ ، کتاب السنۃ ، باب فضل علی بن ابی طالب ،صفحہ:33 ، حدیث :117 بتغیر قلیل ۔

[4]...ذوقِ نعت،صفحہ:248۔

جي نالي پاڪ جي ڳالهه ڪئي وجي تہ نالي مُقدَّس مُحَمَّد جون اهڙيون برڪتون آهن جو واهہ! سُبحٰنَ اللّٰه! بني اسرائيل جي 100 سال عمر جي گنهگار نالي پاڪ جي تعظيم ڪئي، ان ڪي چمي ڪري اکين سان لڳايو، رَبّ ڪائنات کي هي ادا اهڙي پسند آئي جو ان جي 100 سالن جا گناهہ معاف فرمائي ڪري بخشش سان نوازي ڇڏيو [1] روايتن جي مطابق جنهن گهر ۾ مُحمَّد نالي وارو هجي، ان گهر ۾ برڪت هوندي آهي [2] هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو منهنجي محبت ۾، منهنجي نالي جي برڪت وٺڻ لاءِ پنهنجي پٽ جو نالو محمد رکي اهو ۽ ان جو پٽ جنت ۾ ويندا. [3]

سُبحٰنَ اللّٰه! اي عاشقانِ رسول! هي سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسمِ پاڪ جي چند معجزات جو مختصر بيان آهي، حق تہ هي آهي تہ

زندگیاں ختم ہوئیں اور قلم ٹوٹ گئے | تیرے اَوصاف کا اِک باب بھی پورا نہ ہوا

سيّدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جهڙي بلند رتبي واري عالمِ دين سڄي زندگيءَ نعتيون لکيون، بالآخر اهو ئي چيو:

تیرے تو وَصف عیبِ تَناہی سے ہیں بَری
حیراں ہُوں میرے شاہ میں کیا کیا کہوں تجھے [4]

وضاحت: يعني ختم ٿي وڃڻ بہ هڪ طرح ڪان عيب آهي، يَارَسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! توهان جا وصفَ ۽ ڪمالَ تہ اهڙا آهن جو "ختم ٿي وڃڻ" جي عيب کان بہ پاڪ آهن، اي منهنجا باڪمال آقا، بي مثال آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان حيران آهيان تہ توهان جا ڪهڙا ڪهڙا شان بيان ڪيان.

---

1… حلية الاولياء،جلد:4، صفحه:45، حديث:4695 ملخصاً۔

2…شرح الزرقانی،مقصد الرابع،فصل الرابع ما اختص بہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، جلد:7، صفحه:307۔

3…كنزالعمال،كتاب النكاح ، جز:16، جلد:8،صفحه:175، حديث:45215۔

4…حدائقِ بخشش،صفحه:175۔

هڪ جڳهه تي فرمائن ٿا:

اے رضا خود صاحِبِ قرآں ہے مدّاحِ حضور
تجھ سے کب ممکن ہے پھر مِدحت رسولُ اللہ کی [1]

جن جون تعريفون رَبّ ڪائنات قرآن ۾ بيان ڪندو آهي، ان جي تعريف جو حق اسان جهڙا ادنٰي غلام ڪيئن ٿا ادا ڪري سگهن...؟ بس اسان کي اهائي تمنا ڪرڻ گهرجي ته الله پاڪ اسان کي اهڙي عظيمُ الشّان، بي مثل و بي مثال، خوش خصال و باڪمال آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سچّو غلام، باعمل ۽ شڪر گذار اُمَّتي بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي! ڪاش! دل ۾ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اهڙا ڏيئا ٻرن جو دنيا ته ٺهيو قبر به ان چراغ سان روشن ٿي پوي.

لحد میں عشقِ رُخِ شہ کا داغ لے کے چلے | اندھیری رات سنی تھی، چراغ لے کے چلے [2]

وضاحت: ٻڌو آهي قبر جي انڌيري رات آهي، جيئن ته اسان دل ۾ عشقِ مصطفيٰ سجايو، هي ئي اُهو چراغ آهي، جيڪو اونداهي قبر کي روشن ڪندو.

## جشنِ ولادت ۽ ميلاد جي جلوس متعلق مدني گُل

اي عاشقان رسول! سياڻي ٻارهين شريف آهي، پياري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحمَّد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جشنِ ولادت آهي، اَلحمدُلِلّٰه! صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم به پنهنجي دور جي مطابق ولادت مصطفيٰ جي خوشي ڪئي، هن نعمت تي الله پاڪ جو شڪر بجا آندائون بلڪ پاڻ اسان جي آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ به پنهنجو جشن ولادت ملهائيندا هئا بلڪ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نه ساليانو نه بلڪ هر هفتي يعني هر سومر شريف تي روزو رکي ڪري پنهنجو جشنِ ولادت ملهائيندا هئا.

---

[1]...حدائقِ بخشش،صفحہ:153۔

[2]...حدائقِ بخشش،صفحہ:369۔

اسان اِن شَآءَ اللّٰهُ الڪريم! ڌوم ڌام سان جشن ولادت ملهائينداسين، جشنِ ولادت جي خوشي ۾ سنا، صاف سترا ڪپڙا بہ پائينداسين، تيار ٿي ڪري ميلاد جي جلوس ۾ بہ شرڪت ڪنداسين، **آقا جي آمد جا نعره بہ لڳائينداسين** ۽ اِن شَآءَ اللّٰهُ الڪريم! دنيا کي ٻڌائينداسين تہ اسان جي بي مثال آقا جو جشنِ ولادت آهي، اَلحمدُلِله! اسان ان تي دل ۽ جان سان خوش بہ آهيون ۽ رَبّ ڪريم جا شڪر گذار بہ آهيون.

جشنِ میلادُ النبی ہے کیوں نہ جھومیں آج ہم | مسکراتی ہیں بہاریں سب فضا پُرنُور ہے

## جشن ولادت جي خوشي ۾ روزو رکو!

اِن شَآءَ اللّٰهُ الڪريم! اسان جلوس ۾ بہ شرڪت ڪنداسين ۽ پنهنجي آقا ڪريم آقا، رحيم آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ادا کي ڪندي جشنِ ولادت جي خوشي ۾ روزو بہ رکنداسين. نفلي روزو آهي، جنهن کان ٿي سگهي، طبيعت ساٿ ڏي تہ روزو لازمي رکڻ گهرجي. حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن ثواب جي اميد رکندي هڪ نفلي روزو رکيو، الله پاڪ ان کي دوزخ کان 40 سالن (جي پنڌ برابر) پري ڪري ڇڏيندو.[1] معجمِ ڪبير جي روايت ۾ آهي: جنهن هڪ نفلي روزو رکيو، ان لاءِ جنّت ۾ هڪ وڻ لڳايو ويندو جنهن جو ميوو ڏاڙهو کان ننڍو ۽ صوف کان وڏو هوندو، اهو ماکي جهڙو منو ۽ ذائقيدار هوندو، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن روزي دار کي ان وڻ جو ميوو کارائيندو.[2]

## ميلاد جي جلوس ۾ شرڪت ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي اِن شَآءَ اللّٰهُ الڪريم! ميلاد جي جلوس ۾ بہ خوب ڌوم ڌام سان شرڪت ڪرڻي آهي ❀ ميلاد جي جلوس ۾ گاڏيون/موٽر سائيڪل/پيادل هر انداز سان ڀرپور تياري سان شرڪت ڪئي

---

[1]...جمع الجوامع، جلد:7، صفحہ:190، حديث:22251۔

[2]...معجم ڪبير، جلد:18، صفحہ:366، حديث:935۔

وجي ❀ ميلاد جي جلوس ۾ نظم و ضبط (*Discipline*) جو ڀرپور مظاهرو ڪيو! ❀ ميلاد جي جلوس ۾ نعتون ۽ نعرا اهي ئي هلايا وڃن جيڪي پاڪستان مشاورت آفيس مان جاري ڪيا وڃن ❀ ميلاد جي جلوس ۾ هر uc/ واڊ/ ٽائون جا نگران پنهنجا بينر الڳ سان نهرائن جنهن تي پنهنجي uc/وارڊ /ٽائون جو نالو لکيل هجي، مثلاً(اقبال ٽائون، دولت پور شهر) ❀ 12 ربيعُ الاوّل جي ڏينهن ظهر کان پوءِ عصر تائين ميلاد جي جلوس ۾ تمام ذميدارَ ۽ تمام شعبن وارا مرحبا يا مصطفيٰ جون صدائون لڳائيندا شروع کان آخر تائين شرڪت ڪن ❀ شعبي جا ٻه اسلامي ڀائر پنهنجي شعبي جا بينر ڪٽي اڳيان اڳيان هلندا رهن. ان شعبي جا ٻيا اسلامي ڀائر انهن جي پويان پويان ڪنڌ ڪي جهڪائي، مدني پرچم ڪٽي، لبن تي نعتن جا نغما سجائيندي نهايت ئي پر وقار انداز سان شرڪت ڪن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز پڙهڻ جا فائدا ۽ نه پڙهڻ جا نقصان

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد للّٰه! اسان جشن ولادت ملهائڻ وارا ٻه آهيون ۽ نمازي ٻه آهيون. نماز اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اکين جي ٺڏاڻ آهي ان جي ڪري نمازن جي گهڻي مان گهڻي پابندي ڪيو. بالخصوص سياٽي ميلاد شريف جي مصروفيتن ۾ ٻه نمازن جي وقتن جو خاص لحاظ ڪيو. ايئن نه ٿئي جو ميلاد جون خوشيون ملهائڻ وارا (معاذ الله!) نمازون قضاء ڪري ويهي رهن: ❀ نماز سڀ کان پهريون فرض آهي. ❀ نماز انڌيري قبر جو ڏيئو آهي ❀ نماز قبر جي عذاب کان بچائي ٿي ❀ نماز قيامت جي اُس ۾ ڇانوَ آهي ❀ نماز پلصراط جي لاءِ آساني آهي ❀ نماز جهنم جي عذاب کان بچائي ٿي ❀ نماز سان رحمت نازل ٿيندي آهي ❀ نماز سان گناه معاف ٿيندا آهن ❀ نماز دعائن جي قبوليت جو سبب آهي ❀ نماز بيمارين کان بچائي ٿي ❀ نماز سان بدن کي سڪون ملندو آهي ❀ نماز سان روزي ۾

برڪت پوندي آهي ❁ نماز بي حيائي ۽ برن ڪمن کان بچائيندي آهي[1] ❁ ۽ الحمد للّٰه نماز قُربِ خدا! ۽ قُرب مصطفيٰ ڏياريندي آهي. اللّٰه پاڪ اسان سڀني کي پڪو نمازي بڻجڻ جي توفيق ڏي . ۽ سچو عاشق رسول، پڪو ميلادي به بنائي رکي. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہر عبادت سے برتر عبادت نماز | ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز
قلبِ غمگیں کا سامانِ فرحت نماز | ہے مریضوں کو پیغامِ صحّت نماز
پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ | قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نماز
بھائیو! گر خدا کی رِضا چاہئے | آپ پڑھتے رہیں باجماعت نماز

## قرآن ڪريم جي تلاوت ڪيو...!!!

اي عاشقانِ رسول! اڄ اسان جنهن جو جشنِ ولادت ملهائي رهيا آهيون تنهن تي قرآن ڪريم نازل ٿيو، اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت فرمائيندا هئا. هڪ روايت ۾ آهي: منهنجي اُمّت جي اَفضل عبادت قرآن جي تلاوت آهي. -[2]

لهٰذا اسان کي خوب خوب قرآن ڪريم جي تلاوت جي به عادت وجهڻ گهرجي. قرآن ڪريم جي تلاوت به ڪيو ۽ قرآن ڪريم نيڪ پڙهڻ سکي به وٺو. بدقسمتي سان اڄ تمام گهڻي ماڻهن کي درست تَجويد ۽ مخارج سان قرآن پڙهڻ نه ٿو اچي. اَلحمدُللّٰه! دعوتِ اسلامي فيضانِ قرآن عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. قرآن ڪريم نيڪ پڙهڻ سکڻ جي لاءِ مدرسة المدينہ بالغان جو فيضان حاصل ڪيو! مدرسة المدينہ بالغان ۾ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن کي تجويد سان گڏ قرآن ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ۽ گڏوگڏ ئي بنيادي ضروري اَحڪام ۽ مَسائل ۽ سنتون ۽ آدابَ به سيکاريا ويندا آهن، توهان به

---

1...فيضان نماز، صفحہ:10 ملتقطاً۔

2...شُعَبُ الْاِيْمان، باب:تعظيم قرآن، جلد:2، صفحہ:347، حديث:2004 ۔

مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪيو ۽ تجويد سان گڏ قرآن ڪريم پڙهڻ سکو.

الٰہی خوب دے شوق قرآں کی تلاوت کا | شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت

## مدني مذاڪري ۽ مدني قافلي جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! دل ۾ عشق رسول وڌائڻ، نيڪ بڻجڻ ۽ ايمان جي حفاظت جو ذهن ماڻڻ لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ دعوت اسلامي جي ديني ڪمن ۾ اڳيرو ٿي حصو وٺو! اِن شآءَ اللهُ الڪريم! نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻبو.

اَلحمدُلِله! شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت حضرت علامہ مولانا ابو محمد بلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ هر هفتي نماز عشاء کان پوءِ مدني چينل تي براه راست (*Live*)مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، جنهن ۾ بيشمار عاشقانِ رسول عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ (ڪراچي) ۾ حاضر ٿي ڪري عِلمِ دين جون برڪتون حاصل ڪندا آهن. هزارين عاشقانِ رسول پنهنجي شهرن/علائقن ۾ اجتماعي طور تي مدني مذاڪرو ڏسڻ جو اهتمام ڪندا آهن ۽ مدني چينل، سوشل ميڊيا (مثلاً يوٽيوب، فيس بڪ وغيره) جي ذريعي تہ نہ ڄاڻ دنيا ۾ ڪٿي ڪٿي مدني مذاڪرو ڏٺو ويندو آهي. توهان بہ پابندي سان مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪندا ڪيو! اِن شآءَ اللهُ الڪريم! علم دين سکڻ لاءِ ملندو ۽ دين و دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون.

اڄوڪي دور ۾ نيڪ نمازي بڻجڻ، سنتون سکڻ ۽ دين جو پيغام عام ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي وارن عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ بہ انتهائي مفيد آهي. الحمدُلله! 3ڏينهن، 12 ڏينهن ۽ 12 مهينن جا مدني قافلا وقت بہ وقت سفر ڪندا رهندا آهن. توهان بہ مدني قافلن جا مسافر بڻجو! اِن شآءَ اللهُ الڪريم! اَخلاق سڌرندا، نيڪين جو رجحان وڌندو، عشقِ

رسول جي دولت نصيب ٿيندي ۽ زندگي ۾ انقلاب برپا ٿي ويندو.اچو! ترغيب جي لاءِ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## دل جي حالت تبديل ٿي وئي

فيصل آباد (پنجاب پاڪستان ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو نچوڙ آهي. دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان مان خراب ڪردار جو مالڪ هيس ڪوڙ غيبت چغلي بري نظر جهڙا گناهه منهنجي روزانو جو حصو هئا مارشل آرٽ سکيل هيس جنهن سبب **ماڻهن کان خواهه مخواهه جڳهڙا ڪندو هيس هر نئون فيشن (*Fashion*) اپنائڻ منهنجو شوق هيو آهه! نمازن کان ايتري قدر پري هيس جو مونکي هي به معلوم نه هو ته ڪهڙي نماز جون ڪيتريون رڪعتون آهن.** آخر رحمت جو دروازو کليو ۽ منهنجي قسمت ائين چمڪي جو دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان لاڳاپيل هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي دعوت ڏني . دوست جي ڳالهه ٽاري نه سگهيس ۽ ٽي ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر ٿي ويس مدني قافلي ۾ عاشقان رسول جي صحبت جي برڪت سان مون کي زندگي جو مقصد معلوم ٿيو پنهنجي گناهن تي شرمندگي ٿي منهنجي اکين کان غفلت جو پردو هٽيو. دل جي حالت تبديل ٿي؛ مون گناهن کان توبه ڪئي ۽ دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ زندگي گذارڻ لڳس.

دل کی کالک دُھلے مرضِ عصیاں ٹلے | آؤ سب چل پڑیں قافلے میں چلو
کر سفر آئیں گے، تو سُدھر جائیں گے | اب نہ سستی کریں، قافلے میں چلو[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مختلف ايپلي ڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد ﷲ! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:669-672۔

ذريعي بہ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مَصرُوفِ عَمَل آهي. دعوتِ اسلامي *I.T* ڊيپارٽمنٽ جي تحت هينئر تائين ڪيترين ئي موبائل ايپلي ڪيشنون ٺاهي ڪري لانچ ڪري چڪي آهي: (1) تفسيرِصِراطُ الجنان موبائل ايپلي ڪيشن: قرآن ڪريم پڙهڻ، ان کي سمجهڻ ۽ قرآن ڪريم جو فيضان ماڻڻ جي لاءِ هڪ زبردست ۽ نرالي ايپلي ڪيشن آهي، ان جي ذريعي قرآن پاڪ ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهي ڪري قرآن جي نُور سان سينو روشن ڪري سگهجي ٿو. (2) فيضان حديث موبائل ايپلي ڪيشن: وڏي پياري ايپلي ڪيشن آهي، ان جي ذريعي توهان پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جون حديثون ۽ انهن جي شرح پڙهي سگهو ٿا هن وقت ايپلي ڪيشن ۾ حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب مِشڪوٰةُ المَصَابِيح ۽ ان جي آسان اُردو شرح مِراٰةُ المَنَاجِيح شامل ڪيون ويون آهن، عنقريب ان ۾ حديث پاڪ جون مزيد ڪتابون بہ شامل ڪيون وينديون. هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان احاديثِ ڪريمہ کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) بہ پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهرج واري موضوع جو بہ مطالعو ڪري سگهو ٿا، هن ايپلي ڪيشن ۾ سرچ آپشن جي سهولت بہ موجود آهي، جنهن جي ذريعي ڪا بہ حديث ۽ ان جي شرح ڳولهي سگهجي ٿي. (3)بهارِ شريعت موبائل ايپلي ڪيشن: هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي ديني مسئلا پڙهي ۽ سکي سگهجن ٿا. (4) مولانا الياس قادري موبائل ايپلي ڪيشن: هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي توهان ڄاڻي سگهو ٿا: اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو مختصر تعارف ❁مختلف موضوعن تي جڙيل *Category Wise* مدني مذاڪري جا سوالَ ۽ انهن جا جوابَ ❁اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي آفيشل سوشل نيٽ ورڪ اڪائونٽ.

## ٽيلي ٿون جي ترغيب

اي عاشقان رسول! صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ دعوتِ اسلامي جو ديني ڪم 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ پکڙجي چڪو آهي ❁ دعوت اسلامي هاڻي تائين هزارين

مسجدون ناهي چڪي آهي ❀ علم دين جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ هزارين مدرسة المدينہ قائم ڪري چڪي آهي ❀ لڪين حافظ، قاري، امام، مبلغ، معلّم، عالم و مفتي تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ اصلاحِ امت ۽ ڪردار سازي جو ڪم جاري آهي، لکن جا لک عاشقان رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ (اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون) هن مقصد مونکي پنهنجي ۽ ساري دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي جي حاصلات جي ڪوشش ۾ لڳل آهن ❀ متعدد دارُالافتاء اهل سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيان ڪرام اُمّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن ❀ المدينةُ العلميہ (***Islamic Research Center***) ۾ مختلف موضوعن تي بي شمار ديني ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ❀ فيضانِ آن لائن اڪيڊمي (بوائز ۽ گرلز) قائم آهي جنهن جي ذريعي آن لائن عالم ڪورس، قرآن پاڪ حفظ ڪرايو ويندو ۽ ناظره پڙهايو ويندو آهي، ماڻهن کي گهر ويٺي علمِ دين جي روشني پڄائي پئي وڃي ❀ انگلش ميڊيم اسلامڪ اسڪولنگ سسٽم بنام دارُ المدينہ جي ذريعي هزارين ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ❀ **مدني چينل** جي ذريعي 6 وڏي سيٽلائٽس تي اُردو، انگلش ۽ بنگلہ زبانن ۾ دين جي خوب خدمت ڪئي پئي وڃي ❀ شعبي ***FGRF*** جي ذريعي فلاحي ۽ سماجي خدمتن جو سلسلو بہ جاري آهي ۽ پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏکويل امت جي مختلف مشڪل وقتن ۾ 26 لک گهراڻن جي مدد ڪئي وئي، هنن حالتن ۾ بالخصوص ٿيليسيميا (***Thalassemia***)۾ بالعموم بين مرضن ۾ رت جون ٿيليون (***Blood Bags***) جمع ڪرڻ جو اهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو ويو جنهن جو مثال نٿو ملي. اچو! سڀ گڏجي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيون.

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! 13 نومبر 2022ع آچر ڏينهن ٽيلي ٿون (چندو/ ***Donation*** جمع ڪرڻ جي مهم) جو سلسلو ٿيندو، پاڪستاني ڪرنسي جي مطابق 1 يونٽ 10 هزار روپئي جو هوندو، توهان بہ مدرسةُ المدينہ ۽ جامعة

المدينہ جي مجموعي اخراجات جي لاءِ پنهنجي صدقات سان تعاون فرمايو. پنهنجي مرحومن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ يونٽ جمع ڪرايو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. يونٽ جمع ڪرڻ جو پنهنجو ڪو هدف ناهي ڪري هاڻي کان وٺي ان جي لاءِ رابطو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. الله پاڪ اسان سڀني کي نيڪ ڪمن ۾ اڳيرو ٿي ڪري حصو وٺڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں | اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڏاڙهي رکڻ سنّتِ مصطفي آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ : مڇون ڪترايو ڏاڙهيون واڌايو مجوسين جي مخالفت ڪيو! (2)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏاڙهي رکڻ سُنّتِ مصطفي بلڪ سُنت انبياء آهي ❀ اسان جي پياري آقا مڪي مدني مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏاڙهي مبارڪ هميشہ هڪ مٺ جي مقدار ۾ هوندي هئي ❀ اگر هڪ مٺ جي مقدار کان وڌي ويندي

---

1 ...تاريخِ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

2 ...مسلم، ڪتابُ الطهارت، باب:خِصَالُ الْفِطْرَة، صفحہ:153، حديث:257۔

هئي تہ ڪترائي ڇڏيندا هئا ❀ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏاڙهي مبارڪ ويڪر ۾ اهڙي هئي جو سيني کي پري ڇڏيندي هئي [1] ❀ اسان جي پياري آقا مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏاڙهي ڪتائڻ ۽ مچون وڌائڻ کي سخت ناپسند ڪندا هئا ❀بهار شريعت ۾ آهي ڏاڙهي ڪتائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽ ڪرائڻ حرام آهي[2] مختلف سنتون سکڻ لاء مڪتبة المدينة جي بهار شريعت جلد: 3 کان حصي 16 ۽ شيخ طريقت امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطاري قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول جو سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطاء فرمائي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

[1]...انوارِ جمالِ مصطفےٰ، صفحہ:157 خلاصۃً۔

[2]...بہارِ شریعت، حصہ:16، جلد:2، صفحہ:586۔